نسرين ٿيٻو
اسسٽنٽ پروفيسر
گورنمينٽ گرلس ڪاليج، ڪوٽڙي

# نياز همايونيءَ جي ڇپيل ڪتابن جو تحقيقي جائزو
## (A RESEARCH STUDY OF PUBLISHED BOOKS OF NIAZ HIMAYOONI)

***Abstract***

*Niaz Himyooni (1928 –2003) is prominent Sindhi Poet, Research Scholar and Translator. He emerged as Nationalist Poet in Sindh. His poetry is encouraging and includes the historical background of Sindh. He translated classical and modern poetry of prominent Sindhi poets including Shah Abdul Latif in Persian and Urdu. He translated many Persian books into Sindhi Language on History of Sindh. He compiled many books, carried out research work and wrote a book on "History of Tib in Sindh". Although Niaz Himayooni was educated from "Madarsah" but he got a progressive thinking which can be witnessed in his poetry. He has used innovative similes and metaphors belonging to the soil of Sindh. We can find him more objective rather than being subjective in his systematic thoughts. In this paper I have analyzed of all the published books of Niaz Himayooni showing all details\contents of books.*

نياز همايوني انهن شاعرن مان هڪ آهي جن پنهنجي شاعرانه فڪر جا اڻمٽ نقش ڇڏيا آهن. ترقي پسندي ۽ قوم پرستي جي حوالي سان هن جو نالو ادبي افق تي نمايان نظر اچي ٿو. ”گلبانگِ لطيف“ ۾ پنهنجو تعارف ڪرائيندي لکي ٿو:

نياز مند بنالي نياز حسن، جيڪو نياز همايونيءَ جي تخلص سان مشهور آهي، جيڪو اولاد آهي قائم الدين



.

جو، بتاريخ 12 اپريل 1928ع، ضلعي شڪارپور سنڌ جي ننڍڙي ڳوٺ همايون شريف ۾ پيدا ٿيو . (همايوني، 2020، 38)

نياز همايوني جو اصل نالو مشتاق احمد آهي، پر پوءِ پاڻ پنهنجو نالو ”نياز حسن“ سڏائڻ شروع ڪيائين. ”نياز“ سندس تخلص آهي ۽ همايون ڳوٺ جي ناتي سان همايوني سڏايائين. نياز جي شاعريءَ جي ڇپيل ڪتابن جو تعداد ٽي آهي پر ترجمن، جنهن ۾ شاعري، طب ۽ سنڌ جي تاريخ جا موضوع سمايل آهن، تن جو تعداد ٻاويهه آهي، جيڪي مختلف ادارن طرفان ڇپايل آهن.

نياز، پهريان همايون، پوءِ شڪارپور، پوءِ ڪراچي ۽ آخر ۾ حيدرآباد ۾ رهائش اختيار ڪئي. هن حڪمت جو ڌنڌو اختيار ڪيو، طبيه ڪاليج حيدرآباد جو پروفيسر رهيو ۽ آخر ۾ مرڪزي اردو بورڊ لائبريري حيدرآباد جو ڊائريڪٽر مقرر ٿيو، جتان 1988ع ۾ رٽائر ڪيائين. نياز لاءِ تاج بلوچ لکي ٿو:

> ٽن صدين جي گڏيل فڪري حاصلات، نياز جي فن ۽ شخصيت کي اُجاگر ڪيو ۽ هن جيڪو تخليقي ۽ تحقيقي ڪم ڪيو سو يادگار رهندو. نياز جا گيت، ماهيا، دوها ۽ نظم، جيڪي هن رياستي جبر خلاف مهاڏو اٽڪائيندي لکيا، تن جي گونج تيستائين قائم رهندي، جيستائين سماجي بربادي، نامرادي ۽ رياستي ظلم جا عذاب قائم آهن. هن بک ۽ افلاس کي ويجهي کان ڏٺو ۽ انهيءَ اضطراب کي پنهنجي ڪلام جو موضوع بڻايو. مايوسي هن وٽ ناڪاريت کان به هيٺاهين سطح جو نه قبولڻ جوڳو احساس هئي. مفلسي، تنگدستي ۽ زندگيءَ جي ستم ظريفين جي هوندي به، نياز ڪلا جي اعليٰ سماجي منصب کي برقرار رکيو ۽ سون تي سيڻ نه مٽايا. (بلوچ، 2003، ”ت“ ايڊيٽوريل)

نياز ”بزم خليل“، ”سنڌي ادبي سنگت“، ”پاڪستان رائٽرزگلڊ“ ۽ ٻين ڪيترين ادبي تنظيمن سان سلهاڙيل رهيو ۽ ان ڪانسواءِ ڪيترن سياسي تحريڪن ۾ به متحرڪ رهيو. هي سنڌ

جو ارڏو ۽ مزاحمتي ڪردار رکندڙ مهان انسان 3 جنوري 2003ع جمعي جي ڏينهن ۽ ڇنڇر جي رات 8 بجي حيدرآباد ۾ گذاري ويو.

**علمي ۽ ادبي پسمنظر**

نياز همايوني جي تعليم ۽ تربيت مدرسي ۾ ٿي. هن سرڪاري اسڪول ۾ تعليم حاصل ڪونه ڪئي. هن مولانا عبدالغفور "مفتون" همايوني جي مدرسي "احياۓ العلوم" ۾ ويهَه سالن جي عمر تائين تعليم حاصل ڪئي. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکي ٿو:

> نياز همايوني جي تعليم ديني مدرسن ۾ ٿي. اتان جي تحصيل سبب مذهب کان سواءِ عربي ۽ خاص فارسي جو ماهر ٿيو. طب جي تعليم به ورتائين ۽ هڪ قابل طبيب بڻيو. (جوڻيجو ، 2005: 5، 6)

نياز همايوني شروعاتي شاعري فارسي ڪتاب گلستان ۽ بوستان، جيڪي مدرسن ۾ پڙهايا ويندا هئا، انهن کي پڙهي شروع ڪئي. ان ڳالهه جو اعتراف هو خود "گلبانگِ لطيف" ۾ ڪري ٿو: "شعر و شاعري شيخ سعدي جي ڪتاب گلستان کي پڙهي شروع ڪئي" (همايوني : 2020ع،38)

نياز جي شاعريءَ جي باقائده شروعات جنگ آزادي، يعني انگريزن جي غلاميءَ کان ڇوٽڪاري لاءِ هئي، پر جڏهن پاڪستان جي قيام کان پوءِ هن ڏٺو ته سنڌ ۽ سنڌي اڳي کان وڌيڪ عذاب ۾ اچي ويا آهن تڏهن هن جي سجاڳ ذهن اهڙين حالتن کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ ماڻهن کي پنهنجي شاعري ذريعي سجاڳ ڪرڻ ۾ لڳي ويو. عبدالواحد آريسر لکي ٿو:

> نياز صاحب جي شاعري ڌارين جي حڪمراني ۽ پنهنجن جي غلاميءَ واري دؤر ۾ انقلابي انداز ۽ بغاوت جي آواز ۾ اسري قومي تحريڪ سان هم آهنگ ٿي، هر انهي صداقت جو ساٿ ڏيندي رهي، جيڪا وطن جي آزاديءَ جي عشق ۾ سر ڌڙ جي بازي لڳائي، غلامي جي زندگي جا زنجير ٽوڙڻ واسطي پاڻ پتوڙيندي پئي آئي.

جانبازو جنگ آزادي جي تياري ڪريو، بيدار ٿيو،
ڪنهن به غيرت مند کي ناهي گوارا هي غلامي جوجيئڻ،
ذلتن جي زندگي کان بهتر آهي مرد ميدان ٿي مرڻ،
مرد ته مهمير بڻجي، مشڪلن سان منهن ڏيو، بيدار ٿيو.

آزاديءَ کان پوءِ جڏهن جاگيرداري ۽ سرمائيداريءَ جو آمرانه ۽ جابرانه نظام قوم ۽ ملڪ جي قسمت جو مالڪ بڻجي، زندگيءَ جي حقيقي قدرن کي پائمال ڪرڻ لڳو ته انهي مرحلي تي به محترم نياز جي جدوجهد جاري رهي:

زمانو آه ذهن سان، ستم طراز ساٿيو!
حقيقتن تي وارجي ويا مجاز، ساٿيو!
حيات و موت ۾ رهيو نه امتياز، ساٿيو!
اٿو ته انقلاب اچي ٿي چاره ساز ساٿيو!

وقت جي رفتار سان گڏ ساڳيو نظام ڪيئي روپ بدلائيندو رهيو، ڪڏهن غاصب ته ڪڏهن غدار پنهنجي عياري سان ملڪي عوام جي رهبري جي دعويٰ ڪندي، رهزني جي ريت قائم رکڻ لڳا، اتي به شاعر جو سجاڳ ذهن خاموش رهي نه سگهيو:

منهنجي ڌرتي جو گنهگار نه بخشيو ويندو،
ڪو به غاصب، ڪوبه غدار نه بخشيو ويندو،
روپ رهبر جو وٺي سگهندو نه رهزن ڪوئي،

هاڻ بيدار ٿيو آهه، ڀلارن جو
وطن!

وطن دشمن طاقتن کان علاوه جڏهن نام نهاد وطن دوست قوتون پڻ مظلوم قوم لاءِ قاتل جو ڪردار ادا ڪرڻ لڳيون، تڏهن به شاعر جي درد مند دل دانهن ڪرڻ لڳي :

او الا! اڄ تنهنجي قسمت اي وطن
ڪنگال آهه،
تنهنجي دامن ۾ جياپو ٿي پيو
جنجال آهه،
ڪن ڪيا تو ۾ گهٽا ميرن مندن،
تون لک لهين!

(آريسر، 2009:
22،23)

نياز همايوني شاعري ۾ هوندراج دکايل کان متاثر هو. مدد علي سنڌي مطابق:

> شاعر جي حيثيت ۾ سنڌي شعر کي نرالي نوعيت ۽ نئون انداز ڏنائين. خاص ڪري شاعريءَ ۾ قومي رنگ ۽ انسان دوستيءَ جو پرچار سندس خاص سڃاڻپ رهي آهي. ان سلسلي ۾ هو مشهور شاعر هوندراج دکايل کان متاثر رهيو، جيڪو ورهانگي کان اڳ مولوي محمد صالح عاجز جي ڪري سندس دوست هو. (مدد علي، 2020، 19)

ون يونٽ جي ڏاڍ ۽ ڏهڪاءُ واري دؤر ۾ سنڌي اديبن، شاعرن، سياسي ورڪرن ۽ شاگردن مطلب ته هر طبقي تحرڪ ورتو ۽ سينا سپر ڪري بيٺا ۽ ون يونٽ جي خاتمي تائين اها تحريڪ جاري رهي. ٻين لفظن ۾ هر طبقي جي ماڻهن سنڌ ۽ سنڌي زبان جي تحفظ لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو. نياز به پنهنجي

حصي جو ڪم نهايت جرئت مندي سان ڪيو:

آزادي اعلان اسان جو سوري پل سينگار ڪري،
”مرويسون پر سنڌ نه ڏيسون“ هوشو جان للڪار ڪري،

جيئي سنڌ، جيئي شال!
جيئي سنڌ، جيئي شال!
هن ڌرتي جا دودا جاڳيا، جاڳيو دريا خان وري،
هن ڌرتي جي مٽي لهندي، مرڪي پنهنجو مان وري،
جيئي سنڌ، جيئي شال!
جيئي سنڌ جيئي شال!

۽ (دل

ڌرتي جا گيت: 199)

نياز جي شاعريءَ کي عالمي آزادي جي تحريڪن به تمام گهڻو متاثر ڪيو. سندس نظم ”ڌرتي جي دل ڌڙڪي ٿي.“، ”آفريڪا“ وغيره ان جي چٽي شاهدي ڏين ٿا ته هو هڪ انسان دوست شاعر هو. عبدالواحد آريسر لکي ٿو:

> هن پنهنجي شاعريءَ ۾ انسانيت جي تباهيءَ تي ڳوڙها ڳاڙيا آهن،.... بنگال جي قتلِ عام وقت نياز چيو هو ته: ”آءٌ ايئن پيو سمجهان ته منهنجي ذات جي هر سِٽ کي ڦاسيءَ جي ٽياس تي ٽنگي، ان جي سيني ۾ سنگين ٽنبي ويئي آهي.“ هن پنهنجي شاعريءَ ۾ آفريڪي ڪارن جي اندر ۾ جهاتي پائي، سندن سُچيتُ جهڙين دلين سان رهاٽيون به ڪيون آهن ته لوممباجي رت مان نڪرندڙ انقلابي جوت کي سيس نمائي سلام به ڪيو آهي. (آريسر، 2009، 388.)

نظم ”آفريڪا“ مان په بند هيٺ ڏجن ٿا:

مدت کان انسان جتي حيوانن سان موسوم هئا،
پنهنجي محنت هوندي هر هڪ نعمت کان محروم هئا،

هيرا جن جي ملڪيت هئي، سي بکيا ڏکيا مظلوم هئا،
ڌاريا مُلڪ جا مالڪ، ۽ هي ويچارا محڪوم هئا،
هر نعمت کان محروم هئا!

انسانن جو عزم سلامت، انسانيت زنده باد!
تقدير تي غالب، تدبيرن جي طاقت زنده باد!
ظلم ذلالت مرده باد، ۽ حق وصداقت زنده باد!
آفريڪي جانبازن جي پرجوش بغاوت زنده باد!
انسانيت زنده باد!

(دل ۽ ڌرتي جا گيت: 290۽ 291)

هنن سڀني عالمي علاقائي ۽ داخلي تحريڪن مان گذري جڏهن نياز جي جند، سنڌ سان اڙي، ته پوءِ هن سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي عظمت جا گيت ڳائڻ شروع ڪيا. هو فارسي ٻولي جو ماهر هو، ان ڪري هن سوچيو ته ڇو نه سنڌي ٻوليءَ کي مالا مال ڪرڻ لاءِ سنڌ جي تاريخ تي لکيل فارسي ڪتابن کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪريان، ان ڪري هن ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي نگرانيءَ هيٺ، هڪ اسڪيم تحت اُهي ڪتاب ترجمو ڪرڻ شروع ڪيا. انهن تاريخي ڪتابن ڪانسواءِ هن ڪيترائي شاعريءَ جا ڪتاب به فارسي ۽ اردوءَ ۾ ترجمو ڪيا. منصور قادر جوڻيجو لکي ٿو:

نياز همايوني علمي، ادبي لحاظ کان تمام وڏو معتبر نالو هو، هن عربي ۽ فارسي ڪتابن مان جهڙي انداز سان سنڌ

جي تاريخ ڳولي ڪڍي ۽ ان تي محققانه انداز ۾ ڪم ڪيو، اهو ڪنهن ٻئي شاعر جي وس جي ڳالهه نه هئي.″ (جوٽيجو، 2014، 43)

**نياز جا طبعزاد، ترجمو ٿيل ۽ ترتيب ڏنل ڪتاب**

**1.شاعري جا ڇپيل ڪتاب**

**(الف) طبعزاد**

**1.ساڻيهه جي ساڪ:** هن شاعريءَ جي ڪتاب ۾ دودي چنيسر جو منظوم داستان بيان ڪيو ويو آهي. هن ڪتاب جي ڇپجڻ جو سال 1975ع آهي. هي ڪتاب نئين سنڌ پبليڪشن ڪراچي ڇپرايو. هن جو مهاڳ عبدالواحد آريسر اپريل 1975ع ۾ لکيو ۽ تعارف نياز همايوني مارچ 1975ع ۾ لکيو. هن ڪتاب جو انتساب عبدالواحد آريسر جي نالي ڪيو ويو آهي.

**2.ڌرتي جا گيت:** شاعريءَ جي هن مجموعي ۾ قومي نظم، غزل، گيت، ۽ لوڪ گيت شامل آهن، هي ڪتاب 1977ع ۾ ڇپيو ۽ 1978ع ۾ بندش هيٺ آيو. هن ڪتاب تي نياز کي پاڪستان رائٽرس گلڊ طرفان انعام به مليو هو. هن جو مهاڳ محمد صالح عاجز لکيو.

**3.دل ۽ ڌرتي جا گيت:** نياز همايونيءَ جي شاعريءَ جو هيءُ ڪتاب تاج جويي ترتيب ڏنو آهي ۽ هن ۾ ساڻيهه جي ساڪ ۽ڌرتي جا گيت کي شامل ڪري ۽ ڪجهه ٻي شاعري، جيڪا رسالن ۽ نياز جي گهر وارن کان ملي، اها به شامل ڪري نئين سر ترتيب ڏنو ويو آهي. هي ڪتاب 2009ع ۾ روشني پبليڪيشن ڪنديارو ڇپرايو آهي. هن ڪتاب جو مهاڳ تاج جويي لکيو آهي ۽ هن ۾ محمد صالح عاجز جو ڌرتي جا گيت لاءِ لکيل مهاڳ ۽ ان ڪتاب جي مهورتي تقريب لاءِ پڙهيل عبدالواحد آريسر جو مقالو به شامل ڪيو ويو آهي.

**(ب) ترجما**

**1.راهِ عشق:** هن ڪتاب ۾ امام خمينيءَ جي عارفاڻي ڪلام جو سنڌيءَ ۾ منظوم ترجمو ڪيو ويو آهي ۽ اهو فارسي شاعريءَ

مان سنڌي شاعريءَ ۾ اهڙي مهارت سان ڪيو آهي. جو اصل جو گمان ٿئي ٿو. هن ڪي خانه فرهنگ جمهوري اسلامي ايران حيدرآباد، مئي 1993ع ۾ ڇپرايو. هن ڪتاب جا ٻه حصا آهن.1.باده عشق 2. سبوي عشق.

**2.آهوان صحرا :**هن ڪتاب ۾ قاضي قادن جي ڪلام جو منظوم اردو ترجمو ڏنو ويو آهي. هن جو مهاڳ عبدالغفار شيخ لکيو آهي. هن ڪتاب ۾ قاضي قادن ڪانسواءِ ابو علي سنڌي ۽ ميان مير سنڌي، جيڪو قاضي قادن جي ڌي فاطمه جو پٽ يعني قاضي قادن جو ڏوهٽو هو، جو به ذڪر موجود آهي ۽ آخر ۾ شاعري جو منظوم اردو ترجمو ڏنو ويو آهي. هي ڪتاب شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪميٽي ڀٽ شاهه، سال 1988ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. هن ڪتاب ۾ قاضي قادن جي 112 بيتن جو اردو منظوم ترجمو پيش ڪيو ويو آهي، جيڪي هيري نڪر هٿ ڪري 1978ع ۾ ڇپرايا هئا.

**3.ملوڪ الڪلام:** هي ڪتاب خواجه محمد زمان لنواري واري جي بيتن ۽ انهن جي فارسي ترجمي تي مشتمل آهي. هن جي ڇپجڻ جو سال 1977ع آهي. نياز همايوني هي ڪتاب همايون پبليڪيشن 11_ حسن علي مينشن مياٽي روڊ حيدرآباد طرفان ڇپرايو. هن ڪتاب ۾ 90 بيت ۽ 10 قول شامل آهن جن جو فارسي ترجمو به انهن جي هيٺان ڏنل آهي . ملوڪ الڪلام ۾ 102 صفحي تائين تصوف اسلامي، نقشبندي بزرگان جي باري ۾ معلومات، ترجمي نگار جي طرفان مهاڳ ۽ پيو به ڪجهه مواد شامل آهي ۽ 103 صفحي کان وٺي 147 صفحي تائين بيتن جو فارسي منظوم ترجمو ۽ قولن جو فارسي ترجمو ڏنل آهي.

**4.سنڌي شاعري (اردو):** هي ڪتاب صرف قديم ۽ جديد شاعرن جي شاعري جي اردو ترجمي تي مشتمل آهي، هن ۾ سنڌي شعر ڪونه ڏنل آهن. هي ڪتاب اڪيڊمي ادبيات پاڪستان، اسلام آباد، سيپٽمبر 1987ع ۾ ڇپرايو. هن ڪتاب ۾ پير صدرالدين کان وٺي جديد شاعر منٺار سولنگي تائين سڀ مکيه

شاعر شامل آهن، جن مان هر هڪ جو گهٽوڪري هڪ ئي شعر شامل آهي. هي ڪتاب 259صفحن تي مشتمل آهي.

**5.گلبانگ لطيف :** هن ڪتاب ۾ نياز همايوني شاهه لطيف جي شاعري جو منظوم فارسي ترجمو ڏنو آهي. پهرين سنڌيءَ ۾ بيت ڏنل آهي ۽ ان جي هيٺان ان جو منظوم فارسي ترجمو ڏنل آهي. هي ڪتاب ثقافت کاتي حڪومت سنڌ، 2020ع ۾ ڇپرايو آهي. هن ڪتاب جو مهاڳ سيد سردار علي شاهه، وزير ثقافت، سياحت، نوادرات، قديم آثار ۽ آرڪائيوز حڪومت سنڌ، ”نياز همايوني: سنڌ جو سچو عاشق“ جي عنوان سان مدد علي سنڌي جو ايڊيٽر جو نوٽ، مولانا غلام محمد گرامي جي تمهيد، ”نگاهه اهل نظم“ جي عنوان سان علامه غلام مصطفيٰ قاسمي جو تعريفي نوٽ ۽ نياز همايوني طرفان سندس تعارف شامل آهي. ان کان پوءِ شاهه لطيف جي شاعري ۽ سندس فارسي منظوم ترجمو ڏنل آهي. هي ڪتاب 414 صفحن تي مشتمل آهي.

**(ج) ترتيب ڏنل شاعري جا ڪتاب:**

**1.ديوان مفتون:** هن ڪتاب ۾ نياز همايوني، مولانا عبدالغفور ”مفتون“ همايوني جي سوانح ۽ سندس ڪافيون مرتب ڪري سنڌي ادبي بورڊ ذريعي ڇپرايون آهن. ديوان مفتون جو پهريون ڇاپو 1993ع ۾، ٻيو 2006ع ۾ ۽ ٽيو ڇاپو 2020ع ۾ ڇپيو آهي. هي ڪتاب 100 صفحن تي مشتمل آهي، جنهن مان 22 صفحي تائين مولانا مفتون جي سوانح ۽ شاعري تي تبصرو ۽ باقي صفحن تي 116 ڪافيون ڏنل آهن.

**2.آءُ ڪانگا ڪر ڳالهه:** هي ڪتاب فقير دريا خان ڪنڌڙي واري جي سنڌي، سرائيڪي ۽ هندي ڪلام جو مجموعو آهي. نياز همايوني جي ترتيب ڏنل هن ڪتاب کي سنڌي ادبي بورڊ ٻه دفعا ڇپرايو آهي. پهرين ڇاپو 1992ع ۽ ٻيو ڇاپو 2007ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب جو انتساب پڳت ڪنورام جي نالي آهي. هن

ڪتاب ۾ فقيرن جي تاريخ ولادت ۽ وفات، ڪجهه فقيرن جو تصويرون، فقيرن جو روحل فقير کان وٺي شجرو ۽ مرتب (نياز همايوني) جو لکيل مهاڳ 51 صفحي تائين ۽ ان کان پوءِ سنڌي ڪلام 53 کان 112 صفحي تائين (69 صفحا)، سرائڪي ڪلام 115 کان 145صفحي تائين (30 صفحا) ۽ هندي ڪلام 149کان 164صفحي تائين (15 صفحا) شامل آهن. ان ڪانسواءِ، ان سلسلي جي ڪجهه، فقيرن جو چونڊ ڪلام به ڏنو ويو آهي.

**<u>3.ڪلام اشرف:</u>** هن ڪتاب ۾ پير محمد اشرف ڪاماري شريف واري جو ڪلام، نياز همايوني جي طرفان ترتيب ڏيئي شايع ڪرايو ويو آهي. هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ 1994ع ۾ ڇپرايو. هن ڪتاب ۾ بورڊ جي سيڪريٽري شمشير الحيدري طرفان ”پيشڪش“ جي عنوان سان نوٽ شامل آهي. ان ڪانسواءِ مرتب طرفان مهاڳ، پير اشرف جي سوانح ۽ سندس شاعري تي تبصرو به شامل آهي. پير اشرف جي شاعري سندس پوين طرفان 1914ع ۽ 1958ع ۾ به ڇپائي ويئي هئي. پر هن ڇاپي ۾ ڪجهه وڌيڪ ڪلام به شامل آهي هن ڪتاب ۾ ڪلاسيڪي صنفون بيت، ڪافي ۽ وائي شامل آهن ۽ عروضي يا روايتي صنفون مداحون، مناجاتون، مولود ۽ منقبتون به آهن.

**2. نثر جا ڇپيل ڪتاب**

**(الف)طبعزاد**

**<u>1.سنڌ جي طبي تاريخ (ٻه جلد):</u>** سنڌ جي طبي تاريخ تي هي ڪتاب حڪيم نياز حسن همايوني لکيو آهي، جنهن کي سنڌ سائنس سوسائٽي، ڄامشورو 1976ع ۾ ڇپرايو آهي. هن ۾ مصنف جي طرفان انتساب قديم سنڌ جي عظيم ويد، ”پرڏو اگهيٽ“ کي ڪيو ويو آهي. ان کان پوءِ ڊاڪٽر علي محمد انصاري (سيڪريٽري صحت) جو پيغام ۽ ڊاڪٽر ايس ايم قريشي جا ٻه اکر به شامل آهن. هي ٻئي صاحب ترتيبوار سنڌ سائنس سوسائٽي جا نائب صدر ۽ جنرل سيڪريٽري به آهن. ان ڪانپوءِ مصنف جو لکيل مهاڳ شامل آهي هي ڪتاب 1966 ع کان

وٺي 1976ع تائين، 10 سالن جي محنت جو نتيجو آهي. پهرين جلد ۾ قبل مسيح، جنهن کي مصنف سمير دؤر کان شروع ڪيو آهي ۽ دراوڙن ۽ آرين جي آمد ۽ انهن جي دؤر جي طب جي تاريخ بيان ڪئي آهي. ٻئي جلد ۾ سومرن جي دؤر ، سمن، ڪلهوڙن، ٽالپرن، ا نگريزن کان وٺي موجوده دؤر تائين طب جي تاريخ بيان ڪئي ويئي آهي.

**2.سنڌي نامه (اردو):** هن ڪتاب ۾ سنڌ جي ريتن، رسمن، زمينداري، راندين، جانورن، موسمي حالتن، ٻولي، شڪل شباهت، گهرو سامان ۽ رڌ پچاءُ جي باري ۾ تفصيل سان اردو ۾ بيان ڪيو ويو آهي. هي ڪتاب مرڪزي اردو بورڊ 1978ع ۾ ڇپرايو آهي. هن سلسلي جا ٻيا ڪتاب ”بلوچي نامه“، ”پنجابي نامه“، ”پشتو نامه“ ۽ ”براهوي نامه“ ، مرڪزي اردو بورڊ اڳ ئي ڇپائي چڪو هو ۽ نياز همايوني کي ”سنڌي نامه“ جو ڪم سونپيو ويو جيڪو هن نهايت خوش اسلوبي سان ڪيو. هن ڪتاب جي باري ۾ نياز همايوني لکي ٿو:

> امید کی جاتی ہے کہ مرکزی اردو بورڈ کی دیگر مطبوعات بالخصوص ”بلوچی نامہ“ ”پشتو نامہ“ ”پنجابی نامہ“ اور ”براہوی نامہ “ کی طرح ”سندھی نامہ“ بھی اردو کے ذخیرہ الفاظ میں اضافے کا باعث بنے گا اور ربط باہمی کے لئے ایک خوش آیند قدم ثابت ہوگا-“(نياز همايوني : 1978، ص_ح)

**(ب) ترجمو**

**1.تاريخ مظهر شاهجهاني:** هي تاريخ، سنڌ ۾ مغلن جي حڪومت، سترهين صدي جي شروعاتي دؤر جي تاريخ آهي. هن تاريخ جو مصنف يوسف ميرڪ بن مير ابو القاسم ”نمڪين“ آهي ۽ هن جو سنڌي ترجمو نياز همايوني ڪيو آهي. سنڌي ادبي بورڊ هن تاريخ جي سنڌي ترجمي کي 1979ع ۾ ڇپرايو آهي. هن ڪتاب جي تصحيح، مقدمه ۽ حاشيه ممتاز عالم پير حسام الدين راشدي ڪيو آهي ۽ پيش لفظ ۽ فرهنگ محمد حسين پنهور جا لکيل آهن. ان ڪانسواءِ پير حسام الدين راشدي

مؤلف ۽ سندس خاندان جو احوال به لکيو آهي هن ڪتاب ۾ پهرين حصي جون خاص ڳالهيون شامل ڪيون ويون آهن. باقي ٻيو حصو مڪمل ترجمو ڪري پيش ڪيو ويو آهي.هن حصي جي آخر ۾ خاص شخصيتن جو احوال ۽ ماڻهن ۽ ماڳن جي ڏسڻي پيش ڪئي ويئي آهي. قوج علي ۽ مخدوم جعفر بوبڪائي بابت مواد جو واڌارو به ڪيو ويو آهي. هي ڪتاب ٽوٽل 413 صفحن تي مشتمل آهي.

**2.تاريخ طاهري:** هي ٺٽي شهر جي تاريخ، سيد طاهر محمد نسياني ٺٽوي جي فارسي ۾ لکيل آهي، جنهن جو سليس سنڌي ۾ ترجمو نياز همايوني ڪيو آهي. هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ ڇپرايو آهي. هن جو پهريون ڇاپو سال 1988ع ۾ ڇپيو ۽ ٻيو ڇاپو 1995ع ۾ ڇپيو. هن ڪتاب جو اصل فارسي متن 1964ع ۾ ڇپيو. هي تاريخ 1621ع ۾ مڪمل ڪئي ويئي. نظر ثاني ۽ تصحيح ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ڪئي آهي. ڪتاب جي شروعات پيش لفظ سان ڪئي ويئي آهي، جيڪو سنڌي ا دبي بورڊ جي سيڪريٽري محترم حبيب الله صديقي لکيو آهي. ان کان پوءِ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ڪتاب ۽ مصنف جو تعارف لکيو آهي. ۽ ان سان گڏ مترجم جو مهاڳ ۽ مصنف جو مهاڳ به شامل آهي. هن ڪتاب ۾ سومرن، سمن، ارغونن، ۽ ترخانن جو روايتن تي ٻڌل ۽ اکين ڏٺو احوال به شامل آهي.مرزا غازي بيگ جي موت تائين جو احوال هن تاريخ ۾ شامل ڪيو ويو آهي. آخر ۾ ڏسڻي ۽ ڀلنامو به ڏنو ويو آهي.

**3.مقصود العارفين:**هي ڪتاب شيخ مغل پيرَ جي احوال ۽ سندس اقوال تي مشتمل آهي، جيڪو مخدوم عاري، شيخ مغل پيرَ جي مريد، جيڪو پنهنجي مرشد جي واتان ٻڌو اهو لکي ترتيب ڏنو آهي. نياز همايوني، نه رڳو ترجمو ڪيو آهي پر تعليقات به وڏي تحقيق ۽ محنت سان لکيون آهن ۽ وڏي ڳالهه ته هن اهو ڪم بنا معاوضي ڪيو آهي. عبدالقادر جوڻيجو لکي ٿو:

سنڌي زبان جي اوچ ڪوٽيءَ جي شاعر ۽ فارسي زبان جي ڄاڻو محترم نياز همايوني صاحب نه رڳو سنڌي ترجمو ڪيو آهي پر اصل مواد جي تحقيق ڪري، تعليقات لکي، تصحيح پڻ ڪئي اٿس. سڀ کان وڏي ڳالهه اها آهي ته همايوني صاحب اهو سمورو پيار جو پورهيو ڪيو آهي، جنهن جو هن صاحب سنڌ الاجي ڪي قومي ادارو سمجهي ڪائنس ڪو اجورو به نه ورتو آهي. ان وڙ لاءِ ادارو سندس بيحد ٿورائتو آهي ۽ ڪيس داد ٿو ڏي. (جوڻيجو ع. ق 1989 ، پبلشرس طرفان)

هن ڪتاب ۾ پبلشرس طرفان نوٽ، مترجم جو مهاڳ، شيخ مغل پيرءَ جو احوال، خانداني شجرو، طريقت جو شجرو، سير سلوڪ، شريعت، طريقت، حقيقت ۽ معرفت جو بيان ۽ حضرت شيخ مغل پيرءَ جي واپسي ۽ شهادت جو بيان، پڇاڙي، تعليقات ۽ پلنامو شامل آهي. هي ڪتاب ٽوٽل 199 صفحن تي مشتمل آهي ۽ 1989ع ۾ ڇپيو.

**4. رساله اويسيه:** هي رسالو شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي مخدوم معين ٺٽوي کي لکيل خط ۽ ان جي جواب تي مشتمل آهي. هي ڪتاب اصل ۾ مخدوم صاحب طرفان فارسي ۾ لکيو ويو ۽ ان جو ترجمو نياز همايوني ڪيو آهي، جيڪو شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه طرفان جولاءِ 2005ع ۾ ڇپرايو ويو آهي. هن ڪتاب ۾ مهتاب اڪبر راشدي جا "ٻه اکر"، "تاج جويي جي" کهاڻي رساله اويسيه جي اشاعت جي"، نياز همايوني جو "مترجم جو مهاڳ" ۽ مخدوم معين جي سوانح ڪانپوءِ شاهه لطيف جا پڇيل چار سوال ۽ انهن جا جواب ڏنل آهن. ان ڪانسواءِ مترجم طرفان حواشي ۽ تعليقات، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو مضمون ( ضميمو (1)) ۽ رسالي اويسيه اصل (فارسي) متن (ضميمو (2)) شامل آهن. هي ڪتاب ٽوٽل 141 صفحن تي مشتمل آهي.

**5.تازن معرڪن جي تاريخ (تاريخ تازه نواء معارڪ):** هي تاريخ منشي عطا محمد شڪارپوري جي لکيل آهي. هن جي تصحيح،

تحشيه ۽ تعليق جو ڪم عبدالحي حبيبي افغاني ڪيو آهي، جيڪو فارسي  متن 1959ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ڇپرايو. هن جو ترجمو نياز همايوني ڪيو آهي. جيڪو سنڌي ادبي بورڊ، نياز همايوني جي وفات کان 2 سال پوءِ يعني 2005ع ۾ ڇپرايو، جيتوڻيڪ نياز همايوني ترجمي جو متن 1993ع ۾ بورڊ حوالي ڪيو هو.

منشي عطا محمد هي تاريخ 1854ع ۾ لکي پوري ڪئي. هي 19 صدي جي شروعاتي اڌ جي، سنڌ ۽ افغانستان جي تاريخ آهي. نادر شاهه کان وٺي انگريزن جي سنڌ تي مڪمل قبضي تائين جو روايتن تي ٻڌل ۽ اکين ڏٺو احوال آهي. هن ڪتاب جي آخر ۾ چار ڏسٽيون به شامل ڪيون ويون آهن، جن ۾ شخصيتن جا نالا، ماڳن ۽ مڪانن جا نالا، قبيلن ۽ قومن جا نالا ۽ ڪتابن جا نالا شامل آهن. هي ڪتاب ٽوٽل 605 صفحن،  تي مشتمل آهي. هن ڪتاب جي شروعات سيد حسام الدين راشدي جي "شروعاتي نوٽ" سان ڪئي ويئي آهي، ان کان پوءِ عبدالحئي حبيبي افغاني جو مهاڳ، مترجم نياز همايوني جو "مترجم وٽان" نوٽ، ڊاڪٽر حبيب الله صديقي جو سنڌي ترجمي جي ايڊيٽر جي حيثيت ۾ نوٽ ۽ منشي عطا محمد شڪارپوري (مولف) جو ديپاچو شامل آهي. ان کان اڳ  ڇپائيندڙ اداري سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽري انعام شيخ جو نوٽ ۽ تصويرون ڏنيون ويون آهن. هي تاريخي ڪتاب اڪيڊمي آف ليٽرس اسلام آباد جي مالي سهڪار سان ڇپرايو ويو.

**(ج)ترتيب ڏنل نثري ڪتاب**

**<u>1. فرهنگ جعفري (ٽن جلدن ۾):</u>** هي طب جو ڪتاب اصل حڪيم محمد جعفر انصاري مرحوم جو لکيل آهي. هن جي تاليف مرحوم جي پائيٽي حڪيم محمد  حسن ڪئي آهي. حڪيم نياز همايوني هن ڪتاب کي نئين سر سڌاري ۽ وڌائي، ترتيب ڏنو آهي. هي ڪتاب ٽن جلدن ۾ سنڌي ادبي بورڊ ڇپرايو آهي. پهريون ۽ ٻيو جلد 1960ع ۾ ڇپيا ۽ ٽيو جلد 1961ع ۾ شايع

ڏيو. جلد پهرين ۾ جڙي ٻوٽين ۽ قدرتي شين جو استعمال ۽ مختلف بيمارين ۾ پرهيز جو تفصيلي ذڪر ڪيو ويو آهي ۽ آخر ۾ پلنامو الڳ صفحن تي ڏنو ويو آهي. هن جلد جو مواد 605 صفحن تي مشتمل آهي. هن جلد ۾ نياز همايوني (مرتب) جو گذارش احوال، حڪيم سيد غلام مرتضيٰ شاهه جي تقريظ، محمد ابراهيم جويي (ناشر: سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ) جا ٻه لفظ، مصنف جو مهاڳ ۽ ڪتاب جي تاليف جو ذڪر ۽ مرتب (نياز هماني) جو مهاڳ ۽ ٻيو مواد شامل آهي.

جلد ٻئي ۾ دوائن جا عربي، فارسي، هندي، سنسڪرت، ۽ سنڌي ۾ نالا مشهور جڙي ٻوٽيون ۽ وڻ، مشهور چوند نسخا، مشهور طبي دوائون ۽ انهن جو استعمال بيماريون ۽ انهن جو طبي علاج، عمده ۽ آزمايل سنياسي ڪشتا، مرضن جا طبي نالا ۽ انهن جا سنڌي نالا ۽ تورن ۽ ماپن جي جدول شامل آهي. هي جلد 609 کان 1179صفحن تائين آهي.

جلد ٽئي کي ميٽريا ميڊيڪا جو نالو ڏنو ويو آهي ۽ هن ۾ ايلوپيٿڪ دوائن جي تاثير ۽ انهن جي شناخت جو تفصيل ڏنو ويو آهي. هي جلد 1153 کان 1753صفحن تائين آهي. هن ۾ دوائن جي سڃاڻپ، ترڪيبي جزا، اوزار ۽ پيمانا، لوشن بنائڻ، فارما سيٽيڪل پراسز، دوائن جا افعال ۽ تاثير، تقيض دوائون، زهريليون ترڪيبون، نسخه نويسي، لاطيني اصطلاحون، مرڪبات برٽش فارميڪوپيا، اثرات جي لحاظ جي ورهاست ۽ دوائن جون خاصيتون بيان ڪيون ويون آهن.

**2..هفت زباني لغت:** هيءَ ڊڪشنري 1974ع ۾، مرڪزي اردو بورڊ، لاهور ڇپرائي. هن ۾ سنڌي، اردو، پنجابي، پشتو، بلوچي، بنگالي ۽ ڪشميري ٻوليون شامل آهن. هن ۾ سنڌي جو ڪم نياز همايوني کي سونپيل هو جيڪو هن خوش اصلوبي سان پايهءِ تڪميل تي پهچايو.

**3.فرهنگ همايوني:** هي طبي لغت مولانا حڪيم عبدالغفور

”مفتون“ همايوني جي تحقيق ڪري لکيل آهي. هن جو اوائلي مسودو سيد ٻڍل شاهه پنهنجي هٿ اکرن ۾ 1918ع ۾ لکي پورو ڪيو، جيڪو پوءِ ليٿو ۾ ڇپيو. نئين ترتيب سان مسودو نياز همايوني 1994ع ۾ سنڌي لئنگويج اٿارٽي حوالي ڪيو، جيڪو نياز همايوني جي وفات کان هڪ سال پوءِ 2004ع ۾ ڇپيو. هن ڪتاب جي شروعات ناشر پاران ڊاڪٽر قاسم ٻگهيو چيئرمين سنڌ لئنگويج اٿارٽي) جي نوٽ سان ڪئي ويئي آهي. ان کان پوءِ فقير مولانا عبدالغفور ”مفتون“ همايوني جو ديپاچو، مرتب (نياز همايوني) پاران ٻه اکر ۽ مولانا مفتون جو تعارف پيش ڪيو ويو آهي.

هي ڪتاب ٻن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي. هڪ ڀاڱي ۾ دوائن جي مختلف ٻولين جا نالا ۽ انهن جو سنڌي متبادل نالو ڏنو ويو آهي ۽ ٻئي ڀاڱي ۾ بيمارين جا نالا، جيڪي جنهن به ٻولي ۾ آهن انهن جو سنڌي متبادل ڏنو ويو آهي. چوڏهن ٻوليون، جن ۾ عربي، فارسي، يوناني، ترڪي، رومي، بربري، سرياني، سنسڪرت، سنڌي، هندي، مرهٽي، گجراتي، ڪرناٽڪي، ۽ پنجابي ٻولين مان جنهن به ٻولي ۾ دوا ۽ بيماري جو نالو آهي، سنڌي ۾ به ان جو متبادل نالو ڏنو ويو آهي. هي ڪتاب 146 صفحن تي مشتمل آهي.

انهن ڪتابن کان سواءِ سنڌي لئنگويج اٿارٽي ”نياز همايونيءَ جي شاعري جي لغت“ به 2018ع ۾ ڇپرائي آهي جنهن جو مرتب مير محمد پيرزادو آهي. تاج جويو به نياز همايونيءَ جا ڪجهه ڪتاب ڇپرائي رهيو آهي جيڪي آخري مرحلي ۾ آهن.

نياز همايوني سنڌي ادب کي مالا مال ڪرڻ ۾ وسان ڪين گهٽايو. هن سنڌ جون تاريخون، جيڪي گهڻو ڪري فارسي ۾ هيون انهن کي ترجمو ڪري سچ پچ ته سنڌي علم و ادب تي وڏو احسان ڪيو، جيڪو سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ امر رهندو.

**ياز همايونيءَ جي چپيل ڪتابن جي سال وار لسٽ**

(1) فرهنگ جعفري- (ٽي جلد: هڪ ۾ ٻه جلد 1960ع ۾ ٽيو جلد 1961ع ۾ )

(2) ديوانِ مفتون- 1973ع.

(3) هفت زباني لغت - 1974ع.

(4) ساڻيهه جي ساک- 1975ع .

(5) سنڌ جي طبي تاريخ( ٻه جلد)- 1976ع.

(6) ڌرتي جا گيت- 1977ع.

(7) ملوڪ الڪلام- 1977ع.

(8) سندهي نامه (اردو)- 1978ع.

(9) تاريخِ مظهر شاهجهاني- 1979ع.

(10) سندهي شاعري- قديم و جديد شعراءَ (اردو)- 1987ع.

(11) آهِوان صحرا، قاضي قادن ڪے ڪلام کا منظوم اردو ترجمہ – 1988ع

(12) تاريخِ طاهري- 1988ع ، 1995ع.

(13) مقصودالعارفين- 1989ع.

(14) آءُ ڪانگا ڪر ڳالهه -1993ع.

(15) ڪلام اشرف- 1994ع.

(16) راهِه عشق- 2003ع.

(17) فرهنگِ همايوني- 2004ع.

(18) تازن معرڪن جي تاريخ- 2005ع.

(19) رساله اويسيه- 2005ع.

(20) دل ۾ ڌرتيءَ جا گيت- 2009ع.

(21) نياز همايوني جي شاعري جي لغت- 2018ع.

(22) گلبانگِ لطيف -2020ع.

**حوالا:**


آريسر، عبدالواحد.( 2009 ).دل ۾ ڌرتي جا گيت.ڪنديارو، سنڌ: روشني پبليڪيشن

آريسر، عبدالواحد.(2009) دل ۾ ڌرتي جا گيت. (ساڻيهه جي ساک” جو مهاڳ) ڪنديارو، سنڌ: روشني پبليڪيشن

بلوچ، تاج.(2003). ايڊيٽوريل ماهوار سوجهرو، ڪراچي، سنڌ: سوجهرو پبليڪيشن
جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر. (2005).سنڌي ادب جي تاريخ، حصو ٻيو. حيدر آباد:سنڌي لئنگويج اٿارٽي
جوڻيجو، عبدالقادر.(1989).مقصود العارفين. ڄامشورو، سنڌ: انسٽيٽوٽ آف سنڌ الاجي
همايوني، نياز. (2014) قومي انقلابي شاعري.مرتب: جوڻيجو، منصور قادر.حيدر آباد، سنڌ: سنڌي ساهت گهر
همايوني، نياز(1978).سنڌ نامه (ابتدائيه). لاهور، پاڪستان: مرڪزي اردو بورڊ، گلبرگ
همايوني، نياز.(2020).گلبانگِ لطيف(شاهه لطيف جي ڪلام جو منظوم فارسي ترجمو)ڪراچي، سنڌ: ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ،

.